

رضی اللہ تعالٰی عنہ

# فاروقِ اعظم جو

# عشقِ رسول

هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سنتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو عشقِ رسول

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتکاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

شافعِ اُمم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ معظم آهي: جيڪو شخص هن طرح دُرودِ پاڪ پڙهي، ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.

(الترغيب والترهيب ج٢ص٣٢٩،حديث ٣١)

’’اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃ‘‘۔

گر لبِ پاک سے اِقرارِ شَفاعت ہو جائے
یُوں نہ بے چین رکھے جوشش عصیاں ہم کو



www.dawateislami.net

**شعر جي وضاحت:** اي منهنجا پيارا آقا صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪڏهن توهان جي مبارڪ چپن مان ان ڳالھ جو اقرار ٿي وڃي ته توهان منهنجي شفاعت فرمائيندا ته منهنجي گناهن جو زور مون کي پريشان نه ڪري سگهندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وجائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوااللّٰه تُوبُوا اِلَي اللّٰه! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

---

1......(المعجم الكبير للطبراني، ج 6، ص 185، الحديث: 5942)



www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون بہ نِيّت ڪريان تو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ

"ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهہ ۽ چڱي نصيحت سان" ۾ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دوران دل جي اخلاص تي توجُّهہ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بٺائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رَسُولِ اڪرم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا تمام صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان پنهنجي پنهنجي جڳهہ بي مِثَل ۽ بي مِثال آهن، سيئي آسمانِ هِدايت جا تارا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا پيارا آهن، پر انهن مان ڪن کي ڪن تي فضيلت حاصل آهي ۽ سڀ



www.dawateislami.net

صحابين ۾ اَفضل خُلَفاءِ راشدين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡھُم آهن، اِنهن خليفن مان ٻيو خليفهءِ راشد، اَميرُالمُؤمنين حضرت سَيِّدُنا عُمرِ فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ آهن،سندن وِصال جو ڏينهن پهرين مُحَرَّمُ الْحَرام آهي. اچو تہ! انهيءَ مُناسبَت سان سندن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي زِندَگي جي هڪ روشن حصي ”**عشقِ رَسُول** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم“ جي باري ۾ ٻُڌڻ جي سَعادَت حاصل ڪريون ٿا.

پهريان منقبتِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جا ڪجهہ اشعار ”**وسائلِ بخشش**“ مان ٻُڌون ٿا.

خدا کے فضل سے میں ہوں گدا فاروقِ اعظم کا
خدا اُن کا محمد مصطفٰی فاروقِ اعظم کا
کرم اللہ کا ہر دم نبی کی مجھ پہ رحمت ہے
مجھے ہے دو جہاں میں آسرا فاروقِ اعظم کا
بھٹک سکتا نہیں ہر گز کبھی وہ سیدھے رستے سے
کرم جس بخت وَر پر ہو گیا فاروقِ اعظم کا
اِلٰہی! ایک مُدّت سے مِری آنکھیں پیاسی ہیں
دِکھا دے سبز گنبد واسطہ فاروقِ اعظم کا
شہادت اے خدا عطّاؔر کو دیدے مدینے میں
کرم فرما اِلٰہی! واسطہ فاروقِ اعظم کا



www.dawateislami.net

# فارُوقِ اَعظَم ۽ سرڪار جي دل جُوئي!

حضرت سَيِّدُنا عُمر فارُوقِ اَعْظَم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ اِرشاد فرمائن ٿا: هڪ پيري رَسُولِ اَڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غمگين (واري) حالت ۾ پنهنجي مهمان خاني(گهر) ۾ تشريف فرما هئا. آءُ حُضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غُلام وٽ آيس ۽ چيو ته "رَسُولُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان منهنجي داخل ٿيڻ جي اِجازَت طلب ڪريو." ان غلام واپس اچي چيو: "مون رَسُولُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ توهان جو ذِڪر ته ڪيو آهي پر حُضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪو جواب ارشاد نه فرمايو." ٿوري دير کان پوءِ مون ٻيهر چيو ته "نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان منهنجي حاضري جي اِجازَت طلب ڪريو،" غلام ويوءِ ان واپس اچي ڪري چيو: "مون رَسُولُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان توهان جو ذِڪر ڪيو پر پاڻ ڪو جواب نه ڏنو" آئون بغير ڪجھ چئي واپس موٽڻ لڳس ته غُلام آواز ڏنو ته "توهان اَندر اچو! اِجازَت ملي وئي آهي." آئون اَندر ويس، سرڪار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سلام عرض ڪيو. سرڪار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ تڏي تي ٽيڪ لڳائي تشريف فرما هئا، جنهن جا نِشان سندن جي بدن جي پاسي واري حصي تي واضِح نظر اچي رهيا هئا، پوءِ مان بيٺي بيٺي رَسُولُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دِل جُوئي جي لاءِ عرض گُذار ٿيس: "اَسْتَاْنِسُ يَا رَسُوْلَ الله يعني يارَسُولَ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! آئون توهان سان ڳالهيون ڪري توهان کي مانُوس ڪرڻ چاهيان ٿو. اسان قُريش جڏهن مَڪه مُڪرَّمَہ ۾ هئاسين ته پنهنجي عورتن تي غالب هئاسين ۽ هتي مَدِينۂ مُنَوَّرَه ۾ اچي ڪري اسان جو اهڙي قوم سان واسطو پيو، جن تي عورتون غالب آهن."هي ٻُڌي ڪري حُضُور نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّی



www.dawateislami.net

اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مُسڪرايو. مون عرض ڪيو: ”يارَسُولَ الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! آئون حَفصہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا وٽ ويو هئس ۽ ان کي چيم: پاڻ سان گڏ واري (يعني حضرت سَيِّدَتُنا عائشه صِدّيقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا) تي ڪڏهن رَشڪ (رِيس) نہ ڪجو ڇو جو اهي تو کان وڌيڪ حَسين ۽ شهنشاهِ مديند، قرارِقلب وسينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون پسنديده زوجہ آهن.“ هي ٻُڌي ڪري سرڪارِنامدار، مديني جا تاجدار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ٻيهر مُسڪرايو.

(بخاری، کتاب النکاح ،باب موعظة الرجل ابنته لحال زوجها،ج۳،ص: ۴۶۰،حديث:۵۱۹۱،ملتقطا)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان واقعي مان اَندازو لڳايو تہ سَيِّدُنا فارُوقِ اَعظَم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ کي هي بہ گوارا نہ هو تہ سرڪار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪنهن تڪليف يا غم ۾ مبُتلا ٿين، انهيءَ لاءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ پياري آقا، حبيبِ ڪبريا صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي مانُوس ڪرڻ چاهيو ۽ آخرڪار پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ پنهنجي ان اِرادي ۾ ڪامياب بہ ٿي ويا ۽ رَسُولُ الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سندن ڳالهين تي مُسڪرايو. ٿورو غور ڪريو! هڪ طرف صحابہءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو هي عالَم آهي تہ اهي پاڻ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي غمزده ڏسي ڪري اُداس ٿي ويندا هئا ۽ حُضور جي دِل جُوئي جي لاءِ طرح طرح جون ڪوششون ڪندا هئا ۽ هڪ اسان آهيون جو ڏينهن رات گُناهن ۾ گذاري نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذاتِ بابرڪت کي اَذِيت پهچائيندا آهيون پر اسان کي ان جو ٿورو بہ اِحساس ناهي ٿيندو. ياد رکو! ان ڳالھ ۾ شڪ ناهي تہ اڄ بہ پاڻ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي اُمّتين جي تمام اَحوالن کي مُلاحَظہ فرمائي رهيا آهن. جيئن تہ رَسُولُ الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: منهنجي زِندگي توهان جي لاءِ بهتر آهي، توهان مون سان ڳالهيون ڪندا آهيو ۽ آئون توهان سان، ۽ منهنجي وَفات بہ توهان جي لاءِ بهتر، توهان جا



www.dawateislami.net

اعمال منهنجي آڏو پيش ڪيا ويندا، جڏهن آئون ڪا ڀلائي ڏسندس ته حمدِ اِلٰهي بجا آڻيندس ۽ جڏهن بُرائيون ڏسندس توهان جي بخشش جي دُعا ڪندس. (البحرالزخار المعروف بمسند البزار ،حديث: ١٩٢٥ مكتبہ العلوم والحكم٥ /٣٠٨ و٣٠٩)

حڪيمُ الاُمَّت، مُفْتِي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي هر اُمّتي ۽ ان جي هر عمل کان خبردار آهن. حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نگاهه اونداهي، روشني، ڊيگهه، ظاهر، مَوجُود ۽ مَعدُوم (غير موجود) هر شيء کي ڏسي وٺندي آهي. جنهن جي اک ۾ مَازَاغَ جو سُرمو هجي، ان جي نگاهه اسان جي خواب ۽ خَيال کان وڌيڪ تيز آهي، اسان خواب ۽ خيال ۾ هر شيء کي ڏسي وٺندا آهيون، حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نگاهه سان هر شيء جو مُشاهَدو فرمائي وٺندا آهن. صُوفياء فرمائن ٿا ته هتي عملن ۾ دل جا عملَ به داخل آهن، تنهنڪري حُضُور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جي دِلين جي هرڪيفيت کان خبردارآهن. (مراة ،ج ١،ص:٤٣٩)

تم ہو شہید و بصیر اور میں گنہ پر دلیر
کھول دو چشمِ حیاء تم پہ کروروں دُرود

**شعر جي وضاحت:** اي منهنجا پيارا نبي (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) توهان کي الله تعاليٰ ڪائنات جي ذرّي ذرّي تي گواهه بڻائي ڪري موڪليو ۽ جهان جو ڪو حصو توهان کان پوشيده نه رهيو ،توهان سڀ ڪجهه ڏسي رهيا آهيو ۽ هي به ڏسي رهيا آهيو ته آئون گناهن تي ڪيتري قدر بهادر ۽ دلير آهيان، منهنجي شرم ۽ حياء جي اک کولي ڇڏيو ته جيئن گناهه ڪندي



www.dawateislami.net

شرم کريان، توهان (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي الله تعاليٰ ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي اُمَّتين جي تمام اَحوال کان باخبر آهن، اسان جا نيڪ اعمال ڏسي ڪري خُوش ۽ بُري عملن کان غمگين ٿيندا آهن. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ وڌ کان وڌ نيڪ اَعمال ڪريون، حُضور جي ذاتِ بابرڪت تي ڪثرت سان دُرُود ۽ سلام جا تُحفا پيش ڪريون، سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّتن تي عمل ڪريون ۽ ٻين کي به سيکاريون ته جيئن حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خُوش ٿي ڪري محشر جي ڏينهن پنهنجي گُنهگار اُمَّتين جي شَفاعت فرمائي جنّت ۾ اسان کي به پاڻ سان گڏ وٺي وڃن.

| | |
|---|---|
| یا الٰہی جب پڑے محشر میں شورِ دار و گیر | امن دینے والے پیارے پیشوا کا ساتھ ہو |
| یا الٰہی جب زبانیں باہر آئیں پیاس سے | صاحبِ کوثر شہِ جود و عطا کا ساتھ ہو |
| یا الٰہی سرد مہری پر ہو جب خورشیدِ حشر | سیّدِ بے سایہ کے ظِلّ لوا کا ساتھ ہو |
| یا الٰہی گرمیِ محشر سے جب بھڑکیں بدن | دامنِ محبوب کی ٹھنڈی ہوا کا ساتھ ہو |
| یا الٰہی نامۂ اعمال جب کھلنے لگیں | عیب پوشِ خلق ستّارِ خطا کا ساتھ ہو |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سَيِّدُنا عُمرفاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو تَعارُف



www.dawateislami.net

خليفهء دُوُم، جانشينِ پيغمبر، حضرتِ سيِّدُنا عُمَر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي كُنيَت''ابُوحَفْص''۽ لقب ''فاروقِ اَعظم''آهي. هڪ روايت ۾ آهي ته پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ 39 مَردن كان بعد، خاتَمُ الْمُرسَلين، رَحْمةٌلِّلْعٰلَمِيْن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دُعا سان اِعلانِ نُبُوَّت جي ڇهين سال اِيمان آندو، انهي لاءِ سندن كي مُتَمِّمُ الْاَربَعِين يعني'' 40 جو عَدد پُورو كرڻ وارو'' چوندا آهن. سندن جي اسلام قَبول كرڻ سان مُسلمانن كي بيحَد خُوشي ٿي ۽ انهن كي تمام وڏو سهارو مِلي ويو ايستائين جو حُضُور، رحمتِ عالَم، جانِ عالَم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مُسلمانن سان گڏ ملي كري كعبي شريف ۾ اِعلانيه نماز اَدا فرمائي. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ اسلامي جنگين ۾ مُجاهِدانه شان سان گڏ اڳتي رهيا ۽ تمام مَنصُوبه بندين ۾ شاهِ خَيرُ الاَنام، رسُولِ عالي مَقام صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وزير ۽ مُشير جي حَيثيت سان وَفادار ۽ رفيق (ساٿي) رهيا. خليفهء اَوَّل، اَميرُالمُؤمِنين حضرتِ سيِّدُنا ابُوبكرصِدِّيق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن پاڻ كان پوءِ حضرتِ سَيِّدُنا فارُوقِ اَعْظَم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ كي خليفو مُنتَخب فرمايو، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن تَختِ خِلافت تي رَونق اَفروز رهي كري جانشينيءِ مُصطَفٰي جي سيني ذِمّي دارين كي وڏي بهترين انداز سان سر اَنجام ڏنو.

آخركار نَمازِ فَجر ۾ هڪ بدبخت سندن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ تي خنجر سان وار كيا ۽ پاڻ زَخمن كي برداشت نه كندي ٽئين ڏينهن شَهادَت جي شَرف سان سَرفَراز ٿي ويا. وَفات جي وقت سندن عُمر شريف 63 سال هئي. حضرتِ سَيِّدُنا صُهَيب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن سندن جي نَمازِ جنازه پڙهائي ۽ گوهرِ ناياب ، فيضانِ نُبُوَّت سان فَيض ياب، خليفهء رِسالت مآب، حضرتِ سَيِّدُنا عمر بن خطّاب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ روضهء مُبارَڪ جي اندر حضرتِ سَيِّدُنا صِدِّيقِ اَكبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي



www.dawateislami.net

پرسان مَدفن ٿيا، جيڪي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پير ۾ آرام فرما آهن. (الرّياض النضرة فی مناقِب العَشرة ج ١ص ٢٨٥، ٤٠٨، ٤١٨، ملخصاً) **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

شہادت اے خدا عطّار کو دیدے مدینے میں
کرم فرما اِلٰہی! واسطہ فاروقِ اعظم کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! والدين، ڀاءُ ڀيڻ، اَولاد، مال ۽ جائيداد سان مَحبَّت انسان ۾ فِطري طور تي هوندي آهي. جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي اَهل و عِيال ۽ عزيزن رشتيدارن کي وساري ڇڏي يا ان جي مَحَبَّت کي دل مان ڪڍي ڇڏي ته ان جي اِيمان ۾ ڪا خَرابي نه ايندي ۽ ان جو اِيمان بَدَستُور قائم رهندو، ڇو جو انهن ماڻهن کي مڃڻ، ان جي مَحَبَّت کي دل ۾ رکڻ اِيمان جي لاءِ ضروري ناهي جڏهن ته رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ايمان آڻڻ، سندن تَعظِيم ڪرڻ، سندن مَحَبَّت رکڻ، ايمان جي لاءِ جُزوِلايَنفَڪ (يعني اهو حصو جيڪو جُدا نه ٿو ٿي سگهي) آهي، تنهنڪري مُؤمنِ ڪامل جي لاءِ ضَروري آهي ته سيني رِشتن ۽ ڪائنات جي هر شيءِ کان محبوب ترين، ان کي سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات هجي.

## هر شيءِ کان محبوب :

بُخاري شريف،حديث نمبر 6632 ۾ آهي:



www.dawateislami.net

حضرت سَيِّدُنا عَبدُالله بن هشام رَضِیَ اللّٰہُ تعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ اسان سَيِّدُ الْمُبَلِّغِين، رَحْمَة لِّلْعٰلَمِين صَلَّی اللّٰہ تعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ حاضر هئاسين. پاڻ صَلَّی اللّٰہ تعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اَمِير الْمُؤمِنِين حضرت سَيِّدُنا عمر فاروقِ اَعظَم رَضِیَ اللّٰہُ تعَالٰی عَنْهُ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ پڪڙي رکيو هو. سَيِّدُنا عمر فاروقِ اَعظَم رَضِیَ اللّٰہُ تعَالٰی عَنْهُ عرض ڪيو: ''لَاَنْتَ اَحَبُّ اِلَيَّ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ اِلَّا مِنْ نَفْسِي يعني يارَسُولَ الله صَلَّی اللّٰہ تعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! توهان مون کي منهنجي جان کان علاوه هر شيءِ کان وڌيڪ محبوب آهيو.'' پاڻ صَلَّی اللّٰہ تعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ''لَا وَالَّذِي نَفْسِي بِيَدِهٖ حَتّٰى اَكُونَ اَحَبَّ اِلَيْكَ مِنْ نَفْسِكَ نہ عُمر! ان رَبّ عَزَّوَجَلَّ جو قسم !جنهن جي قبضہءِ قُدرت ۾ منهنجي جان آهي! (تنهنجي مَحَبّت ان وقت تائين ڪامل نہ ٿيندي) جيستائين آئون تنهنجي ويجهو تنهنجي جان کان بہ وڌيڪ محبوب نہ ٿي وڃان.'' سَيِّدُنا عمر فاروقِ اَعظَم رَضِیَ اللّٰہُ تعَالٰی عَنْهُ جن عرض ڪيو: ''وَاللهِ لَاَنْتَ اَحَبُّ اِلَيَّ مِنْ نَفْسِي يعني يارَسُولَ الله صَلَّی اللّٰہ تعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! توهان مون کي منهنجي جان کان بہ وڌيڪ محبوب آهيو.'' هي ٻُڌي ڪري نبيءِ پاڪ، صاحبِ لَولاڪ صَلَّی اللّٰہ تعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: ''اَلْآنَ يَا عُمَرُ يعني اي عُمر! هاڻي (تنهنجي مَحَبّت ڪامل ٿي وئي). (بخارى ،كتاب الايمان والنذور،باب كيف كانت يمين النبى ،ج۴، ص۲۸۳، حديث:۶۶۳۲۔)

منا منا اسلامي ڀائرو! هي حڪم صِرف فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تعَالٰی عَنْهُ جي لاءِ ئي ناهي بلڪ رهندڙ دُنيا تائين اچڻ واري هڪ هڪ مُسلمان جي لاءِ آهي، ڇو جو مَحَبّتِ مُصطفيٰ اها شيءِ آهي، جنهن جي بِغير اسان جو ايمان ڪامل ٿي نہ ٿو ٿي سگهي. فرمانِ مُصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى اَكُونَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَّالِدِهٖ وَوَلَدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْن يعني توهان مان ڪو شخص ان وَقت تائين مؤمنِ



www.dawateislami.net

(ڪامل) نہ تہ تي سگهي، جيستائين آئون ان جي ويجهو ان جي والِدين، اولاد ۽ سيني ماڻهن کان وڌيڪ مَحبُوب نہ ٿي وڃان.'' (بخاری، کتاب النکاح، باب موعظۃ الرجل ابنتہ لحال زوجہا،ج۳،ص۴۶۰،حدیث:۵۱۹۱ملتقطا) يقيناً! هڪ مُسلمان کي پياري آقا، حبيبِ ڪبريا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان اهڙي ئي مَحبَّت هئڻ گهرجي ڇو جو هي سندس زِندگي جو سڀ کان قيمتي اَثاثو آهي.

تُمہاری یاد کو کیسے نہ زندگی سمجھوں
یہی تو ایک سہارا ہے زندگی کیلئے
میرے تو آپ ہی سب کچھ ہیں رَحمتِ عالم
میں جی رہا ہوں زمانے میں آپ ہی کیلئے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَمِيرُ المُؤمنين حضرت سَيِّدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي عشقِ رسول جي ڇا ڳالهہ ڪجي! جڏهن سندن کي مدين واري آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ياد ايندي هئي تہ بي قَرار ٿي ويندا هئا ۽ فِراقِ محبوب ۾ ڳوڙها ڳاڙيندا هئا، جيئن تہ سندن جا غُلام حضرت سَيِّدُنا اَسلَم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: جڏهن پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي جهانن جي مالِڪ ومختار، مڪي مَدَني سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ذِڪر ڪندا هئا تہ عشقِ رسول جي سبب بي تاب ٿي ڪري روئڻ لڳندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: ''پيارا آقا، سيِّدالانبياء صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تہ ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ رَحم دل، يتيم جي لاءِ والد ۽ ماڻهن ۾ دِلي طور تي سڀ کان وڌيڪ بَهادُر هئا، اهي تہ نوراني چهري وارا، مهڪندڙ خُوشبو



www.dawateislami.net

وارا ۽ حَسب جي اِعتبار کان سڀ کان وڌيڪ مُکرَّم هئا، اَوَّلين ۽ آخرين ۾ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مِثل ڪوبہ ناهي.“

(جمع الجوامع، ج۱۰ص۱۶،حديث۳۳)

ہے کلامِ الٰہی میں شَمس و ضُحےٰ ترے چہرۂ نور فزا کی قسم

قسمِ شبِ تار میں راز یہ تھا کہ حبیب کی زُلفِ دوتا کی قسم

ترے خُلق کو حق نے عظیم کہا تری خِلق کو حق نے جمیل کیا

کوئی تجھ سا ہوا ہے نہ ہو گا شہا ترے خالقِ حُسن واَدا کی قسم

## فارُوقِ اعظم جو عقيده ۽ مَحَبّت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نبي ڪريم، محبوبِ ربِّ عظيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جا آقا ۽ مولٰي آهن، اسان سڀ حُضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اَدنٰي غُلام آهيون ۽ غُلام چاهي ڪيتري ئي اَعلٰي مرتبي تي پهچي چو نہ وڃي پر پنهنجي آقا جي مَحَبَّت ۽ ان جي عقيدت هميشہ سندس دل ۾ قائم رهندي آهي، اهو ان جي اِحسانن کي ڪڏهن بہ فراموش نہ ڪندو آهي، هر هڪ جي سامهون وڏي فَخرِيہ اَنداز ۾ پنهنجي آقا جي تعريف ڪندو آهي ۽ ان جي غُلام هئڻ ۾ خُوشي محسوس ڪندو آهي. حضرت سَيِّدُنا فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ بہ هڪ سچا عاشقِ رسول، قطعي جنّتي ۽ صحابہء ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ۾ اَعلٰي مرتبي تي فائز صَحابيء رَسُول آهن. پاڻ بہ مَحَبَّتِ رَسُول کان سَرشار تي ڪري خُود حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خادِم ۽ غُلام هئڻ تي فخر محسوس ڪندا هئا.



www.dawateislami.net

حضرت سَيِّدُنا سعيد بن مُسيَّب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ اَمِيرُ المؤمنين حضرت سَيِّدُنا عُمر فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جڏهن مَنصبِ خِلافت تي فائز ٿيا تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ مِنبَر تي ويهي فرمايو: ”كُنْتُ مَعَ رَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فَكُنْتُ عَبْدَهٗ وَخَادِمَهٗ يعني مان حُضُور پُرنُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صُحبتِ بابرڪت کان فَيض يافتہ رهيو آهيان، آئون حُضُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو غُلام ۽ خِدمتگار رهيو آهيان. (مستدرک حاکم ،کتاب العلم ،خطبۃ عمر بعد ماولی۔۔۔الخ،ج۱ص۳۳۲،ح:۴۴۵)

میں تو کہا ہی چاہوں کہ بندہ ہوں شاہ کا
پر لُطف جب ہے کہہ دیں اگر وہ جناب ہُوں

**شعر جي وضاحت:** آئون تہ چوندو آهيان تہ آئون پنهنجي آقا (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جو ٻانهو يعني غلام آهيان، اي منهنجي آقا (صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) مزو تہ تڏهن آهي تہ حضور فرمائين، ها تُون منهنجو غلام آهين.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سَيِّدُنا فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي غُلاميءِ رسول جي دَعويٰ صرف زبان جي حد تائين نہ هئي بلڪ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ نبي ڪريم، رؤف ۽ رحيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا واقعي سچا غُلام هئا، پوري زِندگي نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سُنّتن تي عمل ڪندي گذري. پر افسوس! صَد افسوس! اسان غُلاميءِ رسول جو دَم تہ ڀريندا آهيون ۽ ان طرح جي دَعويٰ بہ ڪندي نظر ايندا آهيون تہ

جان بھی میں تو دے دوں خُدا کی قسم!
کوئی مانگے اگر مُصطفٰے کے لئے



www.dawateislami.net

پر اسان جو ڪردار ان جي بَرعڪس ڏسڻ ۾ تو اچي. ياد رکو! مَحَبَّتِ رَسُول صرف ان شيءِ جو نالو ناهي تہ اجتماعِ ذِڪر و نعت ۾ جُلُوسِ ميلاد ۾ بُلند آوازسان جُهومي جُهومي ڪري نَعت شريف پڙهي وڃي، هٿ کڻي ڪري زور زورسان نَعرا لڳايا وڃن يا وري رات جاڳڻ کان بعد نمازِ فجر پڙهي بغير ئي سمهي رهجي، عام ڏينهن ۾ بہ پنج نمازون ايستائين جو جُمُعي جي نماز بہ نہ پڙهجي، پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري سُنّت ڏاڙهي شريف ڪترائڻ يا هڪ مُٺ کان گهٽرائڻ، سُنّتن کي ڇڏي نَوان نَوان فيشن اپنائڻ، حُسنِ اَخلاق سان پيش اچڻ جي بَجاءِ بَد اَخلاقي ۽ بيون بُرائيون بہ نہ ڪدي سگهون تہ اهڙي طرح مَحَبَّت ڪيئن ڪامل ٿيندي؟ جڏهن تہ حقيقي مَحَبَّت تہ ان ڳالهہ جو تَقاضو ٿي ڪري تہ حُقُوق جي اَدائگي ۾ سرڪارِ دوجهان، شفيعِ عاصِيان، وڪيلِ مُجرمان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سڀ کان اعلٰي مڃيو وڃي، اهو هن طرح تہ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آندل دِين کي تسليم ڪريون، سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعظيم ۽ اَدَب بَجا آڻيون ۽ هرشخص ۽ هر شيءِ يعني پنهنجي ذات، پنهنجي اَولاد، ماءُ پيءُ، عزيزن رشتيدارن ۽ پنهنجي مال ۽ اسباب تي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضا ۽ خُوشنودي کي مُقدَّم رکون. (ماخوذاز اشعة اللمعات، ج١،كتاب الايمان،فصل اول ،ص٥٠) ۽ جنهن ڪم کان پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مَنع فرمايو، ان کان بچڻ جي ڪوشش بہ ڪندا رهون، جيڪڏهن بَتَقاضاءِ بَشَرِيّت ان جو اِرتڪاب ٿي پوي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان بخشجي وڃڻ ۽ محشر جي ڏينهن سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شَفاعت حاصل ڪرڻ جي اُميد رکندي سچّي توبه ڪريون ۽ آئنده انهن گُناهن جي طرف وڃڻ جو خيال بہ پنهنجي دل ۾ نہ آڻيون. اچو تہ! ان ڳالهہ جي سچّي دل سان نِيت ڪريون تہ اڄ کان پوءِ اسان جي ڪا بہ نماز قَضا نہ ٿيندي.



www.dawateislami.net

اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ... بلڪ اڄ تائين جيتريون نمازون قضا ٿيون آهن توبهه ڪري ان ڪي اَدا بہ ڪنداسين. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ... ڪوڙ، غيبت، چُغلي، وعده خِلافي، ڌوڪيبازي وغيره گُناهن کان بچندا رهنداسين. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ...فيشن پرستي کي ڇڏي سُنّت جي مُطابِق لباس پائينداسين. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ... فلمون ڊراما، گانا باجا ڇڏي صِرف **مدني چينل** ڏسنداسين.

اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ،

میں بچنا چاہتا ہوں ہائے پھر بھی بچ نہیں پاتا
گناہوں کی پڑی ہے ایسی عادت یا رسول اللہ
کمر اعمالِ بد نے ہائے! میری توڑ کر رکھ دی
تباہی سے بچا لو جانِ رحمت یا رسول اللہ
مرے منہ کی سیاہی سے اندھیری رات شرمائے
مرا چہرہ ہو تاباں نورِ عزّت یا رسول اللہ
بوقتِ نزع آقا ہو نہ جاؤں میں کہیں برباد
مرا ایمان رکھ لینا سلامت یا رسول اللہ

(وسائلِ بخشش،ص328)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪامل مَحَبَّت جي علامتن مان هڪ علامت هي بہ آهي تہ مُحِب يعني مَحَبَّت ڪرڻ واري کي پنهنجي محبوب سان تَعَلّق



www.dawateislami.net

رکڻ واري هر شيء سان مَحبَّت هجي. اَميرُالمؤمنين حضرت سَيِّدُنا فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي مَحبَّتِ رَسُول جا چا ڳالھ ڪجي! سَيِّدُنا فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ نہ صرف الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ بابرڪت سان مَحبَّت فرمائيندا هئا بلڪ حُضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اَولاد، اَزواج، اَصحاب بلڪ هر اها شيء جنهن جي حُضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نِسبت ٿي ويندي هئي ان سان بہ بي پناھ عقيدت ۽ مَحبَّت فرمائيندا هئا ۽ هي حقيقي مَحبَّت جي تَقاضن مان آهي. اَميرُالمؤمنين حضرت سَيِّدُنا فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي سيرتِ طَيبہ جا بي شُمار واقعا اهڙا آهن، جن مان اُن حقيقي مَحبَّت ۽ عشق جو اِظهار ٿئي ٿو، اچو تہ انهن مان هڪ واقعو ٻُڌون ٿا.

الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 30 سُوْرَۃُ الْبَلَد جي پهرين ۽ ٻي آيت ۾ اِرْشاد فرمائي ٿو:

لَاۤ اُقْسِمُ بِهٰذَا الْبَلَدِۙ(۱) وَ اَنْتَ حِلٌّۢ بِهٰذَا الْبَلَدِۙ(۲)

(سيپارو:۳۰، البلد:۱،۲)

تَرجَموڪنزالايمان: مون کي هن شهر جو قسم، جو اي محبوب تون هن شهر ۾ تشريف فرما آهين.

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! مُفسّرينِ ڪرام جو ان ڳالھ تي اِجْماع (اِتّفاق) آهي تہ ان آيتِ ڪريمہ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جنهن شهر جو قسم ياد فرمائي رهيو آهي، اهو **مڪہ مڪرمہ** آهي. انهي آيت جي طرف اِشارو ڪندي اَميرُالمؤمنين حضرت سَيِّدُنا عُمر فارُوقِ اَعظَم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ حُضُور نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ هيئن عرض گُذار ٿيا: ”يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!



www.dawateislami.net

منهنجا ماءُ پيءُ توهان تي قربان ٿين! توهان جي فضيلت اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ ايتري بُلند آهي جو بين نبين جو نہ بلڪ اوهان جي حَياتِ مُبارَڪ جو ئي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ قسم ذِڪر فرمايو آهي ۽ اوهان جو مَقام ۽ مرتبو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ ايتري قدر بُلند آهي جو ان ذات لَآ اُقۡسِمُ بِهٰذَا الۡبَلَدِ جي ذريعي اوهان جي مُبارڪ قدمن جي مٽي جو قسم ذِڪر فرمايو آهي.“

(شرح زرقانی علی المواهب ،الفصل الخامس۔۔۔ الخ ، ج۸، ص۴۹۳)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل روايت مان معلوم ٿيو تہ اَميرُالمؤمنين حضرت سَيِّدُنا عُمر فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ مَڪہء مُڪرَّمَہ سان ان لاءِ بہ مَحبَّت فرمائيندا هئا جو پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جا محبوب آقا صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان شهر ۾ تشريف فرما آهن. پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ مَدِينہء مُنَوَّرَه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعۡظِيۡمًا سان بہ اهڙي ئي مَحبَّت فرمائيندا هئا، سندن جي مَدِينہء مُنَوَّرَه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعۡظِيۡمًا سان عِشق ۽ مَحبَّت ان ڳالھ مان بہ ظاهرٿيندي آهي تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ مَدِينہء مُنَوَّرَه ۾ وفات جي دُعا فرمائيندا هئا. ۽ اهو ايئن تہ بارگاهِ اِلٰهي ۾ عَرض ڪندا هئا: اَللّٰهُمَّ ارۡزُقۡنِي شَهَادَةً فِي سَبِيۡلِكَ وَاجۡعَلۡ مَوۡتِي فِي بَلَدِ رَسُوۡلِكَ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم يعني اي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! مون کي پنهنجي راهه ۾ شهادت عطا فرما ۽ مون کي پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شهر ۾ مَوت عطا فرما. (بخاری، کتاب فضائل المدینۃ، باب کراهية النبی۔۔۔الخ، ج۱، ص۶۲۲، حدیث:۱۸۹۰) ۽ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جون هي ٻئي دُعائون مَقبول و مُستَجاب ٿيون.

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم



www.dawateislami.net

شهادت اے خدا عطّار کو دیدے مدینے میں
کرم فرما الٰہی! واسطہ فاروقِ اعظم کا

(وسائلِ بخشش،ص527)

## فاروقِ اعظم ۽ اِتباعِ رسول

منا منا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ڪو ڪنهن سان مَحَبَّت جي دَعوىٰ ڪندو آهي ته ان جهڙو بڻجڻ، ان جي اَدائن کي اپنائڻ ۽ ان جي پيروي ۾ ئي پوري زِندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اَميرُالمُؤمنين حضرت سَيِّدُنا عُمر فارُوقِ اَعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جو عشقِ رسول جو اَندازو ان ڳالھ مان بہ لڳائي سگھجي ٿو تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ هر مُعامَلي ۾ ٻنهي جهانن جي آقا، مڪي مَدَني مُصطفيٰ، حبيبِ ڪبريا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي ڪندا هئا. جيئن:

## (لباس جي) ڊگھين ٻانهن کي ڇُري سان ڪٽي ڇڏيو

حضرت سَيِّدُنا عبدُ الله بن عُمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ اَمِيرُ الْمُؤمنين حضرت سَيِّدُنا عُمر فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ نئين قميص پاتي تہ ڇُري گھُرائي ۽ فرمايو: ''اي پُٽ! ان جي ڊگھي ٻانهن کي مُنڊ کان پڪڙي ڪري ڇِڪيو ۽ جيستائين منهنجي آڱريون آهن، ان جي اڳيان کان ڪپڙو ڪَٽي ڇڏيو.'' سَيِّدُنا عبدُ الله بن عُمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا تہ مون ان کي ڪَٽيو تہ اهي بلڪل سڌيون نہ بلڪ هيٺ مٿي ڪٽجي ويون. مون عرض ڪيو: ''بابا! جيڪڏهن انهن کي قئنچي سان ڪٽيو وڃي ها تہ بهتر ٿئي ها؟''پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمايو: ''پُٽ! انهن کي ايئن ئي رهڻ ڏيو ڇو جو مون شَفِيعُ المُذنِبِين،



www.dawateislami.net

اَنِيسُ الغَرِيبِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هن طرح ئي ڪٽيندي ڏٺو هو. تنهنڪري مون بہ چُري سان (لباس جون) ٻانهون ڪَٽي ڇڏيون.“ اَمِيرُ المُؤمنين حضرت سَيِّدُنا عُمر فارُوقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي ٻانهون ڪٽڻ ڪان پوءِ ڪُڙتي جي حالت هي هئي جو ان مان ڪجهہ ڌاڳا ٻاهر نڪري سندن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي قدمن کي چُمندا رهندا هئا.

(مستدرک حاکم، کتاب اللباس، کان نبی اللہ۔۔۔الخ، ج۵، ص۲۷۵، حدیث:۷۴۹۸۔)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تورونغورڪريو! حضرت سَيِّدُنا عُمر فارُوقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي ذاتِ مُبارڪ ۾ پياري آقا، مديني واري مُصطفٰي صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جوعشقِ رسول ۽ سندن ۾ سُنّتن تي عمل ڪرڻ جو جذبو ڪيتري قدر موجود هو جو آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِتّباع ۾ پاڻ بہ چُري سان ئي (لباس جون) ٻانهون ڪَٽي ورتيون پر اُهي صحيح نہ ڪٽجون، پوءِ بہ پاڻ انهيءَ حالت ۾ ان قميص کي پائڻ ۾ ڪو شرم ۽ لڄ محسوس نہ ڪئي، هي ڪمال دَرَجي جي سُنّتِ مُصطفٰي جي پيروي هئي. اهڙي طرح ٻين صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو سُنّتن سان مَحبَّت ۽ ان تي عمل جو هي عالَم هو جو دُنيا جي ڪا بہ ڪشش ۽ بي وَفا مُعاشري جي ڪا ڪُوڙي ”مُرَوَّت“ انهن ڪان سُنّت نہ ڇڏائي سگهندي هئي. جيئن تہ

حضرت سَيِّدُنا حَسَن بَصري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ حضرت سَيِّدُنا مَعْقِل بن يَسار رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ (جيڪي اُتان جي مُسلمانن جا سردار هئا هڪ ڀيري) ڪاڌو ڪائي رهيا هئا تہ سندن هٿ مان لُقمو (يعني گِرهُ) ڪِري پيو، اُنهن ڪڻي ورتو ۽ صاف ڪري ڪاڌو. هي ڏسي ڪري جاهلن اکين سان هڪ ٻئي کي اِشارو ڪيو (تہ ڪيتري عجيب ڳالهہ آهي تہ ڪِري پيل لُقمَي کي اُنهن ڪائي



www.dawateislami.net

ورتو) ڪنهن سندن کي چيو،”الله عَزَّوَجَلَّ اَمِير جو ڀلو ڪري، اي اسان جا سردار! هي جاهل ٽيڙهي نظرن سان اِشارا ڪري رهيا آهن ته اَمِيرصاحب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کِري پيل لُقمو کائي ورتو جڏهن ته انهن جي سامهون هي کاڌو مَوجود آهي.“ انهن فرمايو: ”انهن عَجمين جي سبب آئون ان شيءِ کي نه ٿو ڇڏي سگهان،جنهن کي آئون سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب و سينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان ٻُڌو آهي. اسان هڪ ٻئي کي حڪم ڏيندا هئاسين ته لُقمو کِري پئي ته ان کي صاف ڪري کاڌو وڃي شيطان جي لاءِ نه ڇڏيو وڃي .“

(ابن ماجه شريف ج٤ص١٧حديث ٣٢٧٨ )

رُوحِ اِیماں مغزِ قرآں جانِ دیں
ہست حُبِّ رَحْمَۃٌ لِّلْعٰلَمِیْں

**شعر جو خلاصو:** اسان جا پيارا آقا رَحۡمَۃٌ لِّلۡعٰلَمِیۡن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي محبت ايمان جو رُوح، قرآنِ ڪريم جو مغز (خلاصو) ۽ دِين جي جان آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان؟ ته جَلِيلُ القَدر صحابي ۽ مُسلمانن جا سردار سَيِّدُنا مَعۡقِل بن يَسار رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ سُنّتن سان ڪيتري قَدَر پيار ڪندا هئا. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن عجمين جي اِشارن جي ذرّي برابر پرواھ نه ڪئي ۽ بي خوف سُنّتن تي عمل جاري رکيو. اڄ ڪجھ نادان مُسلمان اهڙا به آهن جيڪيماڊرن ماحول ۾ڏاڙهي مُبارَڪ جهڙي عظيمُ الشّان سُنّت کان محرومي کي مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ ”حڪمتِ عملي“ تَصَوُّر ڪندا آهن. حقيقي حڪمتِ عملي هي آهي ته چاهي ڪيترو ئي بُرو ماحول ڇو نه هجي، دشمن جو زور هجي، بي دِينن جو شور هجي، چاهي ڪهڙو به دَور هجي، توهان ڏاڙهي شريف، عمامي



www.dawateislami.net

شريف ۾ سُنّتن پري سادي لباس ۾ مَلبُوس رهو، ڪائڻ پيئڻ ۾ روز مَرّه جي معمولات ۾ سُنّتن جو دامن پڪڙي رکو، پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي لاءِ اِنفرادي ڪوشش جاري رکو، اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ڏيئي مان ڏيئو روشن ٿيندو ويندو، حق بلند ٿيندو، شيطان جو مُنهن ڪارو ٿيندو، هر طرف سُنّتن جي روشني ٿيندي، دُنيا جي دولت جو هر عاشِق، مني مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو عاشق ٿيندو. اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ گهر گهر نُورِحبيب صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان روشن ٿيندو .

شَہا ایسا جذبہ پاؤں کہ میں خُوب سیکھ جاؤں — تیری سُنّتیں سکھانا مدنی مدینے والے
تیری سُنّتوں پہ چل کر میری رُوح جب نکل کر — چلے تم گلے لگانا مدنی مدینے والے

(وسائلِ بخشش،ص428)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! — صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مَنا مَنا اسلامي ڀائرو! مَحَبَّت جو تَقاضو هي ناهي تہ جنهن سان مَحَبَّت ڪئي وڃي تہ فقط ان جي ذات ۾ فنا ٿي پنهنجي مَحَبَّت کي مَحدُود رکيو وڃي بلڪ مُحِب تہ پنهنجي محبوب سان مَنْسُوب (نسبت رکندڙ) هر شي سان پيار ڪندو آهي، ان جي اَهْل و عِيال، مِٽ مائٽن ۽ دوست رشتيدارن سان بہ مَحَبَّت ڪندو آهي. جيئن تہ

## حسنينِ ڪريمين کي پنهنجي اَولاد تي ترجيح ڏني:

حضرت سَيِّدُنا عبدُاللّٰه بن عباس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ جڏهن خِلافتِ فارُوقي ۾ الله تَعاليٰ صحابہء ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي هٿ تي مَدائن



www.dawateislami.net

فَتح کيو ۽ مالِ غنيمت مدينهء مُنوَّره ۾ آيو تہ اَمِيرُ الْمُؤمنين حضرت سَيِّدُنا عُمر فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن مسجدِ نَبوِي ۾ تَڏا وڇايا ۽ سمورو مالِ غنيمت انهن تي ڍير ڪري ڇڏيو. صحابہءِ ڪِرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان مال حاصل ڪرڻ جي لاءِ جَمْع ٿي ويا. سڀ کان پهرين حضرت سَيِّدُنا امام حسن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ اُٿي بيٺا ۽ فرمائڻ لڳا: ’’اي اَمِيرُالْمُومنين! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جيڪو مُسلمانن کي مال عطا فرمايو آهي، ان مان منهنجو حِصّو مون کي عَطا فرمايو.‘‘پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: توهان جي لاءِ وڏي پذيرائي ۽ ڪرامت (عزّت) آهي.‘‘ گڏوگڏ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن هڪ هزار (1000) دِرهم انهن کي ڏئي ڇڏيا. اُنهن پنهنجو حِصّو حاصل ڪري هليا ويا، ان کان پوءِ حضرت سَيِّدُنا امام حُسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن بيهي ڪري پنهنجو حِصّو گهُريو، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: توهان جي لاءِ وڏي پذيرائي ۽ ڪرامت (عزّت) آهي .‘‘ پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن هڪ هزار(1000) دِرهم انهن کي بہ ڏنا، ان کان پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جا پُٽ حضرت سَيِّدُنا عبدُالله بن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ اُٿيا ۽ پنهنجو حصو گهُريو. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: ’’توهان جي لاءِ وڏي پذيرائي ۽ ڪرامت (عزّت) آهي.‘‘ ۽ گڏوگڏ انهن کي پنج سو (500) دِرهم عطا فرمايا، اُنهن عرض ڪيو:’’اي اَمِيرُ الْمُومنين! آئون ان وَقت بہ حُضُور نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ تلوار کڻي ڪري جِهاد ۾ شريڪ ٿيو هئس جڏهن سَيِّدُنا حسن ۽ حُسين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا ننڍي عُمر وارا مَدَني مُنّا هئا. ان جي باوُجود پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن انهن کي هڪ هڪ هزار دِرهم ۽ مون کي پنج سو (دِرهم) عطا ڪيا؟‘‘ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو هي ٻُڌڻ هو تہ اَهْلِ بيت جي مَحَبَّت جو سَمُنڊر لَهرون هڻڻ لڳو ۽ عِشق ۽ مَحبَّت وچان سرشار ٿي ڪري ارشاد فرمايو: جي ها بلڪل! (جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ آئون توهان کي بہ انهن



www.dawateislami.net

جي برابرحصّو ڏيان ٿا) وجو پهرين توهان حسنينِ ڪريمين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا جي والد جهڙو والد آڻيو، انهن جي والده جهڙي والده، انهن جي ناني جهڙو نانو، ان جي نانيءَ جهڙي ناني، انهن جي چاچي جهڙو چاچو، انهن جي مامي جهڙو مامو آڻيو ۽ توهان ڪڏهن بہ نٿا آڻي سگهو. چو جو: ”اَبُوْهُمَا فَعَلِيُّ الْمُرْتَضٰى ان جا والد عَلِيِ الْمُرْتَضِي شيرِخُدا رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ آهن.“ ”اُمُّهُمَا فَفَاطِمَةُ الزَّهْرَاء انهن جي والده سَيّده فَاطِمَةَ الزَّهرا رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا آهن.“ ”جَدُّهُمَا مُحَمَّدُنِ الْمُصْطَفٰى انهن جا نانا محمدِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهن، جَدَّتُهُمَا خَدِيْجَةُ الْكُبْرٰى انهن جي ناني سَيّده خَدِيجَةُ الْڪُبري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ آهن. عَمُّهُمَا جَعْفَرُ بْنُ اَبِيْ طَالِبٍ انهن جا چاچا حضرت جَعْفَربن اَبي طالب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ آهن خَالُهُمَا اِبْرَاهِيْمُ بْنُ رَسُوْلِ اللهِ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن جا ماما حضرت اِبْراهيم بن رَسُوْلُ الله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ آهن خَالَتَاهُمَا رُقَيَّةُ وَاُمُّ كُلْثُوْمٍ اِبْنَتَا رَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ ان جي خالائون (ماسيون) رَسُوْلُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڌيئرون سَيّده رَقيہ ۽ سَيّده اُمِّ ڪُلثوم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا آهن.“

(رياض النضرة، ج١، ص٣٤٠ـ ملتقطاً)

## اَمِيرِاَهلسُنت سيرتِ فارُوقي جا مَظهر:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي اَمِيرُ الْمُؤمنين حضرت سَيِّدُنا عُمر فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو اَهْلِ بيت سان عِشْق ۽ مَحبَّت جو نهايت ئي نرالو اَنداز آهي تہ پنهنجي سَڳي اَولاد جي مُقابلي ۾ اَهْلِ بيت جي شهزادن کي ڀيٽو عطا فرمايو. ان واقعي ۾ اسان جي لاءِ بہ هي مدني گُل مَوْجُود آهي تہ اسان بہ ساداتِ ڪرام سان مَحبَّت ۽ شَفْقت سان پيش اچون ۽ انهن جو



www.dawateislami.net

خُوب اَدَب ۽ اِحْتِرام بَجا آڻيون چو جو ياد رهي تہ صحابہ ۽ اَهْلِ بيت رِضْوَانُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن کان علاوه ساداتِ ڪرام بہ سرورِ عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نِسبت ۽ انهن جو جُز هئڻ جي سبب تَعْظِيم ۽ تَوْقِير (ادب) جا مُسْتَحِقْ (حقدار) آهن، اَلْحَمْدُلِلّٰه سَيِّدُنا فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي اهلِ بيت سان محبت هئي ۽ اڄ اوهان جي عاشقن ۾ بہ اها محبت سينہ بسينہ هلندي پئي اچي. اهو ئي سبب آهي تہ عاشقِ فاروقِ اعظم شيخ طريقت، اميرِ اَهْلسُنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه حضراتِ ساداتِ ڪرام (سَيّد سڳورن) جي تَعْظِيم ۽ تَوْقِير بَجا آڻڻ ۾ پيش پيش رهندا آهن. مُلاقات جي وَقْت جيڪڏهن اميرِ اَهْلسُنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي ٻُڌايو وڃي تہ هي سَيِّد صاحب آهن تہ اڪثر ڏنو ويو آهي تہ پاڻ دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه نهايت ئي عاجزي سان سَيِّد زادي جو هٿ چُمي وٺندا آهن. انهن کي پنهنجي برابر ۾ ويهاريندا آهن، ساداتِ ڪرام جي شهزادن سان بي پناه مَحَبَّت ۽ شَفْقت سان پيش ايندا آهن، جڏهن شيرني يا مٺائي وغيره جي ترڪيب هوندي آهي تہ سَيِّدن کي ٻيڻي پيش فرمائيندا آهن .

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ساداتِ ڪرام سان مَحَبَّت ڪرڻ وارن ماڻهن جي ڪمي ناهي پر افسوس صَد ڪروڙ افسوس! ڪجھ اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي ساداتِ ڪرام جي اَهميت ۽ فضيلت کان ناواقف آهن يا وري انهن جي خِدْمت ڪرڻ ۾ سُستي جا شڪار آهن، پنهنجي اَوْلاد کي تہ دُنيا جي هر آسائش ڏيڻ جي لاءِ تيار آهن پر اَوْلادِ سرورِ ڪائنات صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم يعني سادات جي خِدْمت جي لاءِ هڪ رُوپيو بہ جيب خاص مان حاضِر ڪرڻ کان ڪترائيندا آهن، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: جيڪو منهنجي اَهْلِ بيت مان ڪنهن سا چڱو سُلُوڪ ڪندو،



www.dawateislami.net

آئون قيامت جي ڏينهن ان جو صِلو (بدلو) ان کي عطا فرمائيندس. (اَلْجَامِعُ الصَّغِير لِلسُّيُوْطِیّ ص 533 حديث 8821 ) تنهنکري اسان کي بہ پنهنجي دُنيا ۽ آخرت بهتر بنائڻ جي لاءِ ساداتِ ڪرام سان حُسنِ سُلُوڪ سان پيش اچڻ گهرجي ۽ ان جي خِدْمت ڪندي رهڻ گهرجي تہ جيئن اسان کي بہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رِضا و خُوشنوي حاصِل ٿي سگهي.

ہم کو سارے سیّدوں سے پیار ہے
ان شاءاللہ دوجہاں میں اپنابیڑا پار ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن توهان سَيِّدُنا فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وانگر ٻين صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي عشقِ رسول جا پيارا پيارا واقعا پڙهڻ چاهيو ٿا تہ **دعوتِ اسلامي** جي اشاعتي اداري مڪتبۃُ المدينہ جي مطبوعہ 274 صفحن تي مُشْتمل عِشقِ رسول جي روشني ڦيلائڻ واري تمام ئي پياري ڪتاب ”صحابہ ڪرام جو عشقِ رسول“ جوضَرور مُطالَعو فرمايو. ان ڪتاب کي **دعوتِ اسلامي** جي ويب سائٽ www.dawateislami.net کان پڙهي بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

ان طرح عِشْقِ رسول ۽ عشقِ صحابہ ۽ اَهلبيت کي دل ۾ مزيد وڌائڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو! اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اَعمالِ صالحہ (چڱن عملن) جي قيمتي دولت حاصل ٿيندي، گُناهن کان نَفْرت جو ذهن بڻجندو ۽ اسان جي آخرت بہ سَنور جي ويندي.



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خُلاصو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ جي بيان ۾ اسان سَيِّدُنا فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ جي عشقِ رسول صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حوالي سان پيارا پيارا واقعا ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ مدني گُل بہ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي.

- ❖ الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان انهي عِشقِ ڪامل جي طُفيل سَيِّدُنا فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ کي دُنيا ۾ اِخْتيار ۽ اِقْتدار ۽ آخرت ۾ عِزَّت ۽ وَقارمليو.

- ❖ سَيِّدُنا فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُ جن عشقِ رسول جي اَعْلٰي ۽ بهترين مثال قائم ڪري قيامت تائين اچڻ وارن مُسلمانن کي ٻنهي جهانن جي آقا صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان عشق رکڻ جو سليقو سيکاريو.

- ❖ اڄ جي ان پُرفِتَن دَور ۾ ضرورت ان ڳالھ جي آهي تہ اسان اهڙي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃون، جتي عاشقانِ مُصطفٰي جو تَذڪرو ٿيندو هجي، سندن عِشْقِ رسول جا واقعا ٻُڌايا وڃن، ان جي برڪت سان اسان جي دل ۾ بہ عشقِ مُصطفٰي جو ڏيئو روشن ٿيندو ۽ عمل جو جذبو وڌندو.

- ❖ اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اهڙو ئي مدني ماحول **دعوتِ اسلامي** پيش ڪري رهي آهي، تنهنڪري اسان سڀ بہ ان مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃون، هفتيوار سُنتن ڀري اجتماع ۽ هفتيوار اجتماعي طور تي ٿيڻ واري مدني مذاڪري ۾ اوّل تا آخر شرڪت، مدني قافلن ۾ سفر ۽ مدني اِنْعامات تي عمل جي ڪوشش جاري رکون، اسان جي زندگي ۾ مدني اِنْقلاب برپا ٿي ويندو اسان بہ سُنتن جا پابند ۽ نيڪ مُسلمان بڻجي وينداسين.



www.dawateislami.net

اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ

❖ الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي سچو عاشقِ رسول بڻائي گڏوگڏ عشقِ رسول جي تَقاضن کي پُورو ڪندي، خُوب خُوب سُنتون ڦيلائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلس خُصُوصي اسلامي ڀائر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ نيڪي جي دعوت ۽ سُنتن جي خِدْمَت جي مُقَدَّس جَذبي جي تحت مُتَعَدَّدْ شعبن جو قِيام عمل ۾ آندو ويو آهي، اِنهي مان هڪ شعبو مجلس ”خُصُوصي اسلامي ڀائر“ بہ آهي. **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ گونگن ٻوڙن ۽ نابينا اسلامي ڀائرن کي خُصوصي اسلامي ڀائر چيو ويندو آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ هي مجلس، خصوصي اسلامي ڀائرن ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۽ انهن کي مُعاشري جو باڪردار فرد بڻائڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، ان سان گڏوگڏ مجلس خُصُوصي اسلامي ڀائر فَرض عُلُوم تي مُشْتَمِل ڪتابون شائع ڪرڻ جو عزمِ مُصَمّم (پڪو ارادو) رکي تي بلڪ گونگن ٻوڙن ۽ نابينا اسلامي ڀائرن کي عِلْمِ دين سکڻ سان گڏوگڏ عَصْري عُلُوم سان رُوشناس (واقفيت) ڪرائڻ جي لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪرڻ جو اِرادو رکي تي. ان طرح نابينا اسلامي ڀائرن جي لاءِ بہ عنقريب مدرسة المدينہ جي ترڪيب ڪئي ويندي.

اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ



www.dawateislami.net

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں　　　اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو

## ٻارنهن مدني ڪم ڪريو!

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! مَدَني قافلن ۾ سَفر جي بَرڪت سان بي شُمار ماڻهو پنهنجي سابِقهَ طَرزِ زِندَگي تي نادِم ٿي ڪري گُناهن ڀري زِنْدگي کان تائِب ٿي ويا، سُنتن ڀري زِنْدگي گذارڻ لڳا ۽ ذيلي حلقي جي ٻارنهن 12 مدني ڪمن ۾ اڳتي وڌي ڪري حِصّو وٺڻ وارا بڻجي ويا. ذيلي حلقي جي ٻارنهن 12 مدني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم هفتيوارسُنتن ڀري اجتماع ۾ اوّل تا آخر شرڪت به آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي تحت ٿيڻ وارو هفتيوار سُنتن ڀريو اجتماع تلاوتِ قرآن، نعتِ رَحْمتِ عَالميان صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، سُنتن ڀريو بيان، رِقّت اَنگيز دُعاء ذِڪر ۽ دُرُود جي مدني گُلن ۽ عِلْمِ دين جي گُلدستن سان سَينگاريل هوندو آهي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! هي هفتيوارسُنتن ڀريو اجتماع حُصُولِ علم ِدين جو هڪ بهترين ذِريعو آهي، تنهنڪري وقت جي پابندي سان گڏ شِرڪت فرمائي ڪري خُوب خُوب سُنتن جي بهارون حاصل ڪريو ۽ سُنتن جي تَربِيت جي مدني قافلن ۾ سفرا ِخْتيار فرمائي ڪري پنهنجي آخرت جي لاءِ نيڪين جو ذُخيرو جمع ڪريو. اچو ته! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻُڌون ٿا.

## مَدَني ماحول جي تربيت

ضلع مُظَفَّرآباد (ڪشمير) جي مُقيم اسلامي ڀاءَ **دعوتِ اسلامي** جي مُشڪبار مدني ماحول جي برڪتن جو تَذڪرو ڪجهه هن نموني ڪن ٿا:



www.dawateislami.net

آئون قرآنِ پاڪ حفظ ڪري رهيو هئس پر افسوس! منهنجي عَملي حالت تمام خراب هئي. نيڪين ڪان تمام پَري، پٽڪندڙ ماڻهن جيان زِندگي گُذاري رهيو هئس. سُنتن تي عمل ڪرڻ جو نہ شوق هو نہ ئي عبادتِ الٰهي بَجا آڻڻ جو ذوق. منهنجي ويران زندگيءَ ۾ عمل جي مدني بهار ڪجھ هن طرح آئي جو منهنجي هڪ عزيز جن جي دُڪان تي اڪثر منهنجو اچڻ وڃڻ رهندو هو ، هڪ ڏينهن اهي مون کي چوڻ لڳا: توهان قرآنِ ڪريم حفظ ڪري رهيا آهيو، توهان جون عادتون ۽ افعال عام ماڻهن جيان آهن، توهان پنهنجي مٿي تي عمامو تہ پَري جي ڳالھ ٽوپي تائين نہ ٿا پهريو، ان طرح توهان ۾ ۽ اسڪول ۽ ڪالج جي عام ماڻهن جي درميان ڪهڙو فرق رهجي ويو؟ مزيد چوڻ لڳا: منهنجو ڀاڻيجو بہ سردارآباد (فيصل آباد) ۾ **دعوتِ اسلامي** جي مدرسةُ المدينہ ۾ قرآنِ ڪريم حِفْظ ڪرڻ جي سَعادَت حاصل ڪري رهيو آهي، پر ان جو اَخْلاق ۽ ڪردار، ڳالهائڻ جي انداز گڏوگڏ پنهنجن پَرايَن سان ملڻ جو اَنداز قابلِ رَشڪ آهي. جڏهن اُهي رَمَضانُ الْمُبارَڪ جي موڪلن ۾ گهر آيا تہ اُتي ٿيڻ واري عملي تَربِيت ڏسي ڪري سڀ گهر وارا بي حَد خُوش ٿيا، ان جو مَعْمُول هو تہ سُنت جي مُطَابِق کائيندا پيئندا، گهر ۾ داخل ٿيڻ وَقْت بُلند آوازسان سيني کي سَلام ڪندا هئا، والدين جي هٿن کي چُمندا هئا، نظرون جُهڪائي ڪري گُفتگو ڪندا هئا، کائڻ جي دوران سُنتون بيان ڪندا هئا ۽ سيني گهر وارن کي سُنتن تي عمل ڪرڻ جي ترغيب ڏياريندا هئا. مدرسة المدينہ جي طالبِ علم جي اها مدني بهار ٻُڌي ڪري مون کي پنهنجي بَدعملي تي نَدامت ٿيڻ لڳي، جيئن تہ مون هٿو هٿ **دعوتِ اسلامي** جا مدرسةُ المدينہ ۾ داخلا وٺڻ جي نِيت ڪئي ۽ انهي سال سردارآباد (فيصل آباد) وڃي پهتس ۽ مدرسةُ المدينہ



www.dawateislami.net

(فيضانِ مدينہ) مدينہ ٽاؤن ۾ داخلا وٺي ڪري مدَني ماحول جو فيضان حاصل ڪرڻ ۾ مَشغُول ٿي ويس. ڪجھ ئي عرصي ۾ حيرت اَنگيز طور تي مون اندر نُمايان تبديلي واقع ٿيڻ لڳي. آهستہ آهستہ مون تي بہ **دعوتِ اسلامي** جو مدَني رنگ چڙهندو ويو، عمامي شريف جو تاج هر وقت منهنجي مٿي تي رهڻ لڳو، پنج نمازن جو پابند بڻجي ويس، هفتيوار سُنتن ڀري اجتماع ۾ بہ شرڪت ڪرڻ لڳس. اَلْحَمْدُلِله عَزَّوَجَلَّ 1998ء ۾ مدرسةُ المدينہ کان قرآنِ ڪريم حِفْظ ڪرڻ جي سَعادَت حاصل ڪئي ۽ ان کان پوءِ جامعةُ المدينہ ۾ داخلا وٺي ڪري عالِم ڪورس (درسِ نظامي) ڪرڻ ۾ مَشْغُول ٿي ويس. جامعةُ المدينہ جي سُنتن ڀري مدني ماحول ۾ منهنجو ڪردار مزيد بهتر ٿيندو ويو، جتي عِلْمِ دين جو حاصل ٿيندو رهيو، اُتي پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ، مدَني قافلن ۾ سفر جي ذريعي ٻين تائين پهچائڻ ۽ مدَني ڪمن جي ذريعي اِصْلاحِ اُمَّت جو سنهري مَوقعو بہ هٿ آيو. گڏوگڏ شيخ طريقت، اَمِيرِ اَهْلسُنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان بيعت ٿي ڪري **قادري عطاري** بنجڻ جو شرف بہ نصيب ٿيو. اَلْحَمْدُلِله عَزَّوَجَلَّ فيضانِ اَميرُاهلسُنت جي صدقي درسِ نظامي (عالم ڪورس) مڪمل ڪري چڪو آهيان ۽ تحرير لکڻ وقت تقريبًا 4 سال کان جامعةُ المدينہ ۾ تَدْرِيس جا فَرائض سَر اَنْجام ڏئي رهيو آهيان.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان



www.dawateislami.net

جنّت نشان آهي؛ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشڪوٰة ج 1 ص 55 حديث 175)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا

جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## ”اَلسّلامُ عَلَيڪُم“ جي يارهن اکرن جي نسبت سان سلام جا 11 مدني گل

﴿1﴾ مسلمان سان ملاقات ڪرڻ وقت ان کي سلام ڪرڻ سنّت آهي. ﴿2﴾ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ملاقات ٿئي، هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ بار بار اچڻ وڃڻ ٿئي، اتي موجود مسلمانن کي سلام ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي﴿3﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ سنّت آهي ﴿4﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو الله عَزَّوَجَلَّ جو مُقرّب آهي ﴿5﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بہ بَري آهي جيئن منهنجي مڪي مدني آقا، مٺي مٺي مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي؛ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بَري آهي. (شعب الايمان ج 6 ص 433 حديث 8786) ﴿6﴾ سلام (۾ اڳرائي) ڪرڻ واري تي 90 رحمتون ۽ جواب ڏيڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿين ٿيون. (ڪيميائے سعادت) ﴿7﴾ اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ چوڻ سان 10 نيڪيون ملن ٿيون، گڏوگڏ وَرَحۡمَةُ الله بہ چوندا تہ 20 نيڪيون ٿي وينديون ۽ وَبَرَكَاتُهٗ شامل ڪندؤ تہ 30 نيڪيون ٿي وينديون. ﴿8﴾ اهڙي طرح جواب ۾ وَعَلَيۡكُمُ السَّلَامُ وَرَحۡمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ چئي 30 نيڪيون حاصل ڪري سگهجن ٿيون﴿9﴾ سلام جو جواب جلدي ﴿10﴾ ۽ ايتري آواز سان ڏيڻ واجب آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي ﴿11﴾ سلام ۽ سلام جي جواب جو صحيح تَلَفُّظ



www.dawateislami.net

ياد ڪري وٺو. پهريان مان چوان ٿو اوهان ٻڌي دُهرايو: اَلسَّلامُ عَلَيكُمْ (اَسْ۔سَلامُ ۔عَلَیْ۔کُمْ) هاڻي پهريان مان جواب ٻڌايان ٿو پوءِ اوهان دُهرايو: وَعَلَيكُمُ السَّلام (وَعَلَیْکُ۔مُسْ۔سَلَام)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينه جا شايع ٿيل ٻہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتیں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي. (101مَدَنی گُل)

عاشقانِ رسول، آئیں سنت کے پھول
دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ



www.dawateislami.net

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[2]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[3]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[4]

## (4) ڇهلک دُرُودشريفن جو ثواب

---

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

3...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

4...القول البديع، الباب الثانى، ص277،



www.dawateislami.net

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَیْہِ رَحمَۃُ اللّٰہِ الھَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھک ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي. [5]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰی لَہٗ

ھک ڏينھن ھک شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابہ کرام رَضِیَاللہُ تَعَالٰی عَنْھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھو مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ائين پڙھندو آھي.[6]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

---

[5] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[6] ...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(7)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(8)

## (2) هر رات عبادت ۾ گذارڻ جو آسان نسخو

**غرائب القرآن** صفحہ 187 تي هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي تہ جيڪو شخص رات ۾ ٽي ڀيرا هي دعا پڙهندو تہ ان جڻ شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو لهٰذا هر رات هي دعا پڙهڻ گهرجي. دعا هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

”يعني خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي.“ (فيضانِ سنّت ج اوّل، ص 1163، 1164)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

---

7 ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

8 ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net